# سِليمانَ جا پهاڪا

## بابُ پهريُون ١

(١) سِليمانَ بَني اِسرائيلَ جي بادِشاه دائُودَ جي پُٽَ جا پهاڪا
(٢) جي هِنَ واسِطي آهِنِ ته ماڻهُون سِياڻَپَ ۽ تَعليمَ پرائِينِ ۽
پَرُوڙَڻَ جون ڳالهِيُون سَمجهَنِ (٣) ۽ ڏاهَپَ ۽ صِدِقَ ۽ نِياءَ
۽ سَچائِيءَ بابتِ تَعليمَ وٺَنِ (٤) ۽ ڀورِڙا سِياڻا ٿِيئِنِ ۽ جُوانَ
ماڻهُون عِلمُ ۽ مَصلِحَتَ وٺَنِ (٥) سِياڻو ماڻهُون ٻُڌي پَنهجو
عِلمُ وڌائيندو ۽ سَمجهُو ماڻهُون چڱي صَلاح وٺندو (٦) اِهي
پَهاڪا هِنَ بابتِ بہ آهِنِ ته ماڻهُون پهاڪَنِ ۽ پِروِلِيُنِ
کي ۽ سِياڻَنِ جي وَچَنَنِ ۽ سَندَنِ ڳُجهَنِ ڳالهِيُنِ کي سَمجهَنِ (٧) ڌَڻيءَ

Zsin
885

